ماحولياتي انتظام جو ڏانچو

چٽاپيٽيءَ وارو ۽ رهائش جي قابل شهر ڪراچي
(CLICK)

خلاصو

(پس منظر)

ڪراچي پاڪستان جو سڀ کان وڏو شهر آهي، اهو هن ملڪ جو معاشي ۽ مالي مرڪز آهي، اهم بندرگاهه به آهي. هن شهر جو ملڪ جي مجموعي پيداوار ۾ حصو اٽڪل 15 سيڪڙو آهي. هي ملڪي سطح تي قومي ٽيڪسن، محصولن، صنعتي روزگار ۽ صنعتي پيداوار جي لحاظ کان سڀ کان وڏو پائيوار آهي(1). اٽڪل 16 ملين(2) جي آبادي۽ وارو هي شهر سنڌ جي معاشي ۽ آبادي۽ واري منظرنامي تي به حاوي آهي ۽ سنڌ صوبي جي گادي۽ جو هنڌ آهي. هن شهر ۾ سنڌ جي ڪُل آبادي۽ جو هڪ پاڳي ٽيون حصو آباد آهي، جيڪو گهٽو ڪري انهي۽ جي سموري صنعتي ۽ خدمتن جي فراهمي واري معيشت ۽ اڪثر مزدور طبقي تي مشتمل آهي. هن ۾ اها صلاحيت موجود آهي ته هي پنهنجي ضخامت، مقام ۽ هاٽوڪي صنعتي ۽ انساني سرمائي جي بنياد تي ملڪ جي لاءِ هڪ معاشي انجڻ ۽ عمل انگيزَ (Catalyst) شهر وارو ڪردار ادا ڪري. انهي۽ سان گڏوگڏ هي شهر دنيا ۾ رهائش جي اعتبارڪان سڀني کان وڌيڪ پُنتي پيل شهرن جي فهرست ۾ هيٺئين درجي تي موجود آهي ۽ رهائش ، صحت، ماحوليات، حفاظت ۽ تعليم جي انڈيڪسز ۾ پنهنجي اَٽپوري ڪارڪردگي۽ جي ڪري هيٺئين درجي کان پنجين نمبر تي (140 مان) موجود آهي.(3)

ڪراچي شهر پاڪستان جو معاشي گادي۽ جو هنڌ آهي ۽ معاشي ، صنعتي سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. ملڪ جي سڀ کان اهم بندرگاهه هجڻ جي ڪري هي شهر ملڪ جي معاشي، صنعتي ۽ تجارتي مرڪز جي حيثيت ۾ هڪ مرڪزي جاءِ رکي ٿو. پوين ويهن سالن ۾ امن ۽ امان جي ڪِريل صورت حال جي نتيجي ۾ ڪيترائي پيداواري يونٽ بند ٿيا يا مختلف گروهن کي پتا ڏيڻ تي مجبور ٿيا. وڌيڪ اهو ته ، توانائي۽ جي وڌندڙ خرچن ۽ بجلي۽ جي بندش جي ڪري پيداواري لاڳت ۾ واڌ جي نتيجي ۾ پيداوار ۾ ڪوٽ پيدا ٿي، پوين 20 سالن ۾ ننڍين صنعتن جي پنجاب ڏانهن منتقلي (ننڍي پيماني تي پيداواري يونٽ هلائڻ وارن جو سرچشمو) ۽ وچولين صنعتن جي دبئي۽ (آجر لاءِ سازگار مزدوري۽ وارن قانونن ۽ هر لحاظ کان هڪ محفوظ شهر هجڻ جي ڪري) منتقلي ڏسڻ ۾ آئي. انهن ڪارڻن جي ڪري صنعتي پيداوار ۾ لڳاتار ڪوٽ واقع ٿي .

ڪراچي سِٽي ڊائگنوسٽڪ اسٽڊي جي وسيلي اهو تخمينو لڳايو ويو آهي ته انفرا اسٽرڪچر ۽ خدمتن جي فراهمي واري فرق کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ايندڙ ڏهن سالن ۾ اٽڪل 9 کان 10 بلين آمريڪي ڊالرن جي سرمائيڪاري جي گهرج پوندي .(4) انهي۽ سان گڏ اهو به ڏٺو ويو آهي ته ڪراچي جي معاشي واڌ ۽ چٽاپيٽي پاڪستان ۽ خطي جي ٻين شهرن جي پيٽ ۾ جمود جو شڪار آهي. بنيادي تعميراتي ڍانچي جي ڪوٽ، اعلانيل ۽ اَڻ اعلانيل بجلي۽ جي بندش، آبادي۽ جي دباءَ ۽ غير ضروري قاعدن قانونن جي ڪري ڪاروباري ماحول ڏاڍو متاثر ٿيو آهي.

گذريل ڪجهه ڏهاڪن ڪان ڪراچي شهر نہ رڳو بنيادي ڍانچن جي تعمير جي حوالي ڪان نظرانداز ڪيو ويندو رهيو آهي پر شهري سهولتن جي فراهمي تائين به سندس پهچ محدود رهي

آهي. هن شهر جي شهري رڌابندي، خدمتن ۽ سهولتن جو نظام شهر جي وڌندڙ آبادي ۽ جي گهرجن کي پورو کرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ڪراچي جي بنيادي ڍانچي جا اهي غيرتسلي بخش انتظار ڪراچيءَ جي موسمي تبديلين جي ڪري ايندڙ آفتن کان سڌيءَ ريت متاثر ٿيڻ ڪري ايا وڌيڪ اٽپورا ثابت ٿيندا رهيا آهن. نسبتي طور تي خشڪ موسم هجڻ ڪري ڪراچي مون سون جي موسم ۾ شديد برساتن ۽ انهن جي نتيجي ۾ هرهر سيلابي صورتحال کي مُنهُن ڏيندو رهي ٿو. سيلاب جي وڌندڙ واقعن جي ڪري بنيادي طور تي هن شهر جي پاڻي جي نيڪال واري نالن مٿان نهيل غير قانوني حد دخلين ۽ نوس ڪِنَ ڪچري کي انهن نالن ۾ وجهڻ جي ڪري پاڻي جي نيڪال وارو نظام ناڪام ٿي وڃي ٿو. عالمي بينڪ CLICK (Competitive and Livable city of Karachi) ڪراچي کي چٽاپيٽي ۽ رهائش جي لائق شهر بنائڻ واري رڌا جي ذريعي سنڌ حڪومت (GOS) کي مدد مهيا ڪري رهي آهي ته جيئن اهو انفرااسٽرڪچر جي فراهمي ۽ انهيءَ کي برقرار رکڻ جي لاءِ ڪراچيءَ جي لوڪل ڪائونسلن (ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن KMC)، ڇهن ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنن (DMCs) ۽ ڪراچي ضلعي ڪائونسل جي ادارتي ۽ مالي سگهه کي بهتر بنائي سگهي.

رڌا: چٽاپيٽي ۽ رهائش جي لائق شهر (CLICK)

تجويز ڪيل رڌا ڪراچيءَ کي چٽاپيٽي ۽ رهائش لائق شهر بنائڻ واري هڪ اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي لوڪل ڪائونسلن (LCs)سان گڏ شريڪ مقامي حڪومتن ۽ بين ايجنسين جي ادارتي ڪارڪردگي ۽ سهولتن جي فراهمي جي نظام کي بهتر بنائڻ جي تجويز ڏئي ٿي.

رڌابندي جا مقصد (PDOs)

ڪراچي شهري نظام، خدمتن جي فراهمي ۽ ڪاروباري ماحول کي بهتر بنائڻ.

رڌا جا جزا:

جزو 1: مقامي حڪومتن ۽ صلاحيت سازي جي لاءِ ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي گرانٽس (اٽڪل 160 ملين آمريڪي ڊالرن جو مالي سهڪار). هي جُز ڪارڪردگيءَ جي نتيجن کان پوءِ ڪراچي LCs کي فارمولا جي بنياد تي سالياني گرانٽ مهيا ڪندو، جيڪي مقامي صلاحيتن ۽ ڪارڪردگيءَ جي بهتريءَ جي لاءِ مقامي ڪائونسلن کي رعايتون فراهم ڪنديون.

جُزو 2: شهري پراپرٽي ٽيڪس جي نظام ۽ انتظام کي جديد طور طريقن تي آڻڻ لاءِ (اٽڪل 40 ملين آمريڪي ڊالرن جو مالي سهڪار). هن جُزي جو مقصد ڪراچيءَ کي پراپرٽي ٽيڪس نظام کي سڌي نموني سان هلائڻ آهي، جيڪو هن وقت محصولن جي وصوليءَ جي حوالي سان پنهنجي حيثيت جي پيٽ ۾ هيٺئين سطح تي ڪم ڪري رهيو آهي. انهيءَ ۾ امڪاني طور تي Urban Immorable Property Tax (UIPT) جي وصولي کي شهري لوڪل ڪائونسلن جي سطح تائين منتقل ڪرڻ شامل آهي. اهو فرض ڪندي ته اهو پاليسي فيصلو GOS لاڳو ڪندي.

جُزو 3: شهر جي چٽاييٽي واري معيار ۽ ڪاروباري ماحول جي بهتري (اٽڪل 20 ملين آمريڪي ڊالرن جو سهڪار). هي جُزو خدمتن جي فراهمي ۾ نجي سرمائيڪارن کي مائل ڪرڻ ۽ ڪراچيءَ جي ڪاروباري ۽ ريگوليٽري ماحول کي بهتر بنائڻ ۾ سهڪاري ٿيندو. هن جُزي جي وسيلي نجي سرمائيڪاريءَ جي واڌ ويجهه جي لاءِ تجارتي ڏيتي ليتي جي انتظام جي بهتري واسطي مقامي حڪومتن جي سطح تي بنيادي صلاحتين جي تياري ۾ ٿيندي.

جُزو 4: پڪن پختن فيصلن جي انتظام جي لاءِ ٽيڪنيڪي سهڪار (اٽڪل 10 ملين آمريڪي ڊالرن جو سهڪار). هي جُزو سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ (SSWMB) جي لاءِ ٽيڪنيڪل مدد وارين سرگرمين جي لاءِ مالي سهڪار فراهم ڪندو ته جيئن هن اداري کي مڪمل طور تي متحرڪ ۽ موثر اداري ۾ تبديل ڪري سگهجي.

ماحولياتي انتظام جو ڍانچو (Environmental Management Framework) EMF

CLICK ورلڊ بينڪ جي ماحولياتي ۽ معاشي تحفظ وارين پاليسين کي تحرڪ ۾ آندو ۽ انهي کي هڪ EA ڪيٽيگري B ڏني وئي. CLICK کي لاڳو ڪرڻ واري اداري جي حيثيت ۾ سنڌ حڪومت جي لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ (LGD) کي هڪ اهڙي ماحولياتي انتظام واري ڍانچي (EMF) کي تيار ڪرڻ جي گهرج آهي ([5]) جيڪو ورلڊ بينڪ جي ماحولياتي سُجاڻپ OP4.01 جي مطابق هجي . EMF جو مقصد اصولن، قاعدن ۽ ضابطن، رهنمائي ۽ طريقي ڪار جي طريقي کي رائج ڪرڻ آهي ته جيئن هُو انهن رٿائن جي سرگرمين جي لاءِ قانونن ۽ ورلڊ بينڪ جي بچاء وارين پاليسين جي ماحولياتي حفاظت جي گهرجن جي پوراءَ کي يقيني بنائي سگهي، جنهن جي اجا تائين کا وضاحت مقرر نه ڪئي وئي ۽/يا رٿا جي گهرجن مطابق EMF هن وقت پنهنجين سرگرمين جي جاچ پڙتال جي لاءِ پاليسيون، حڪمت عملي، طريقي ڪار ۽ ادارتي گهرجن جو تعين ڪري ٿو ، جڏهن ته انهن جڳهن جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي ۽/يا انهيءَ جي وضاحت ڪئي وڃي ٿي. انهن سرگرمين جي لاءِ درڪار ماحولياتي دستاويزن ۽ انهن جي منظوري ۽ ڪليئرنس جي طريقي ڪار تي عمل ڪيو ويندو . LCs انهن EMF جو استعمال رٿا جي مندرجات جي رٿابندي، نقشي سازي، تعميرات ۽ آپريشنل مرحلن دوران بچاءَ وارن انتظامن جي تعميل کي يقيني بنائڻ ۽ ڍانچي ۾ موجود ماحولياتي نظم و ضبط جي مطابق رٿا جي سيني مرحلن تي ماحولياتي اثرن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪندیون .

LGD اها EMF LCs پاران ادبي جائزن، ابتدائي جاچُن، ادارتي ۽ لاڳاپيلن جي صلاح مشورن ۽ بين مشاورتي ورڪشاپن وسيلي حاصل ٿيل شروعاتي ۽ ثانوي ڄاڻ جو استعمال ڪندي تيار ڪئي آهي. انهيءَ ڍانچي جي تعميل ڪراچيءَ جون LCs تڏهن ڪنديون جڏهن رٿا تي عمل درآمد

---

[5] هي ھ°اھ· وڏريءو آهي جنھنجي استعمال سان °ھنڌ اھ·ي منصلي جيءُو°و·ي°پروگرامن °ماتحت ر·نائڻي مشتمل مامرن °اثرائجي جاچ°ندو آهي °الجي اثرائجي پرک ان وقت ٿيندي. ·ي °ري سگهجي جيئنجي پروگرام يا ماتحت ر·نائجي تفصيلجي ر·نا·پ ·ي ·ئي . ESMF ماحوليات °معاشرتي اثرن جو اندازو °ر°لاءِ اصول، قاعدا، رهنما خطوط °طريقيا°ار واضح °ندو آهي ان مھي اثرن کي گھ·°ر°لاءِ، اھنڌ °تخفيف °ر°يا°حل ختم °ر°ياھا°اري اثرن کي و·ا°ا°، ان طرحجي قدمن جو تخمينو °لا°لاءِ °منصلجي اثرن کي پري °ر°لاءِ وسيع آڻجي. يا انجنسجي باري °معلوماتجي حاصلات شامل آهي.

ڪرڻ دوران انفرادي ماتحت رڪا جي نشاندهي ڪي وجي ۽ انهيءَ جي بدران جڳهه، ٽيڪنيڪي ۽ انجنيئرنگ جا تفصيلَ دستياب ڪي وجن. EMF رڪا جي مڪمل مدت ۽ مڪينزم ۾ لاڳاپيلن جي شموليت ۽ مشغوليت جي رهنما اصول ۾ مهيا ڪندو ته جيئن انهن لاڳاپيلن کي رڪا جي سموري جاڻ جو نہ رکجو علم هجي پر متاثر ٿيل آبادين جي شڪايتن جو ازالو ۾ ممڪن ڪي سگهي.

ماحولياتي بيس لائين

ڪراچيءَ ۾ عربي سمنڊ جي ڪناري تي ڪراپيڪل زون جي بلڪل مٿان "45 °24 کان "15"’’ 25° اتر ۽ "37 °66 کان "37 °67 اوپر ۾ سمنڊ جي سطح کان 20 ميٽرن جي اوچائي تي واقع آهي. (Airport Weather Station) ڪراچيءَ جي سرحد اولهه ۾ حب درياءَ (بلوچستان صوبو)، اوپر ۾ ضلعو بدين، اتر ۾ ضلعو دادو ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ سان ملي ٿي . ڪراچيءَ جي آب هوا جي درجي بندي خشڪ، گرم ۽ گِهميل ڪري سگهجي ٿي ۽ مجموعي طور تي ڪراچيءَ جي موسم وچڙي، ڪُليل ۽ گِهميل آهي. ڊسمبر جي وچ کان فيبروريءَ جي وچ تائين هلڪي سردي جي طور تي معمولي موسمي مداخلت ٿيندي آهي، جنهن کان پوءِ جولاءِ جي وچ کان سيپٽمبر هلندي مون سون جي برساتن سان گڏوگڏ اپريل ۽ سيپٽيمبر تائين هڪ ڊگهي گرم ۽ گِهميل گرمي جي مند موجود رهندي آهي. مِينهَن جو امڪان سال جي گهٽن حصن ۾ گهٽ رهندو آهي. هوا ۾ گِهرَ جو تناسب عام طور تي مارچ کان نومبر تائين وڌيڪ رهندو آهي، جڏهن ته سياري ۾ گِهرَ جو تناسب هوا جو رخ اتر اُتر ڏي هجڻ ڪري گهٽو گهٽ هوندو آهي.

ڪراچيءَ جي آب هوا نيم بنجر آهي ۽ برسات جو تناسب ڏاڍو گهٽ ۽ ڦرندڙ گهرندڙ آهي. تيز ۽ طوفاني برسات گهٽو ڪري جون جي مهيني ۾ ٿهندڙ ڪراپيڪل طوفانن جي اثر هيٺ ٿيندي آهي. اهي طوفاني برساتون ساموندي ڪپرن وارن علائقن تي تمام گهٽ ناڪاري اثر وجهن ٿيون، جڏهن ته انهن جا اثر شهر جي اندر سيلابي صورتحال جي صورت ۾ سامهون ايندا آهن. ڪراچي هڪ وچڙي زلزلي واري علائقي ۾ واقع آهي. ڪراچي اٽڪل 3600 چورس ڪلوميٽرن جي ايراضي تي پکڙيل آهي ۽ سندس سطح گهٽو ٽڻو هموار يا اَڌَ لاهيءَ واري آهي. شهر جي اولهائين ۽ اترين حدن ۾ ٽُڪريون موجود آهن. هِنَ شهر ۾ مختلف قسم جا جاگرافيائي خطا موجود آهن، جيئن ڪناري وارا علائقا، ٻيٽَ، ريتيلا ميدانَ، ٽِلڪِرُو پٽون، ڏُٻڻين وارا علائقا، نيم بنجر علائقا، پوکيءَ لائق زمين، ٽُڪريون، سُڪَل نديون نالا وغيرهه شامل آهن.

سنڌو درياءَ ۽ حب نديءَ تي ٺهيل ڊيم ڪراچيءَ کي پاڻي پهچائڻ وارا ۾ وڏا ذريعا آهن. ڪراچي شهر پنهنجي پيئڻ جو پاڻي 120 ڪلوميٽر اوپر ۾ موجود سنڌو درياءَ يا 56 ڪلوميٽر پري اولهه ۾ وهندڙ حب نديءَ کان حاصل ڪندو آهي. ڪراچيءَ ۾ زمين جي اندر موجود پاڻيءَ جا وسيلا محدود آهن. ساموندي پَٽيءَ جي ويجهو پاڻي جي ڪُوهَن ۽ چشمن ۾ موجود پاڻي گهٽو ڪري لوٽيانو ۽ گهريلو استعمال جي لائق ناهي. حب نديءَ جي ويجهو موجود پاڻي جا ڪُوهَ نہ رکجو چڱيءَ حالت ۾ موجود آهن پر پوکي راهيءَ ۽ گهريلو استعمال جي لاءِ ۾ پاڻيءَ جو سُنو ذريعو ۾ آهن.

پوين ٽِن ڏهاڪن کان ڪراچي پاڻيءَ جي رسائي واري نظام کي صحيح انداز ۾ هلائڻ ۽ انهيءَ کي وڌائڻ ۾ ڪافي حد تائين ناڪام رهيو آهي. وڌيڪ اهو ته ، پاڻيءَ جي پهچ جو نظام ۽ پاڻي گڏ ڪرڻ جي گنجائش آبادي ۾ واڌ (4 کان 5 سيڪڙو سالیانو) جي پيٽ ۾ اَڻ پوري آهي. ادارن جون اَڻ پوريون صلاحيتون ۽ مالي وسيلن جي کوٽ به اهنجن ۾ واڌاري جو ڪارڻ آهن. انهيءَ جو نتيجو اهو آهي ته شهر جي گهٽن علائقن ۾ في الحال عملي طور تي پاڻيءَ جي پهچ لاءِ راشننگ جو سرشتو رائج آهي. پاڻي هر بن يا ٽن ڏينهن ۾ رڳو هڪ ڀيرو ۽ هڪ ئي مهل ۾ ٻن کان ٽن ڪلاڪن جي مدت لاءِ ڏنو ويندو آهي.

هن وقت ڪراچيءَ ۾ چار وڏا پاڻيءَ جي نيڪال جا سرشتا ڪم ڪري رهيا آهن. لياري ندي، ملير، ٻڌائي ۽ ٻيا ننڍا ندين نالا ، جن کي اجتماعي طور تي ساحلي طاس چيو وڃي ٿو. ملير ۽ ليارين ندي جو طاس شهر جي اٽڪل 80 سيڪڙو پاڻيائ جي نيڪال جو ڪم ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت شهر جو پاڻيءَ جي نيڪال وارو قدرتي سرشتو بنيادي طور تي ملير ۽ ليارين ندين جي پَرٿُو ندين نالن تي ٻَڌل آهي.

صنعتن منجهه استعمال ٿيل پاڻيءَ جو گهڻو مقدار سنڌ انوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽينڊرڊ (SEQS) جي معيارن سان مطابقت نه ٿو رکي ، جنهن جو نتيجو ماحولياتي گدلاڻ ۽ زوال جي صورت ۾ نڪرندو آهي. ساموندي پاڻي ۾ گدلاڻ جي بنيادي ذريعن مان سمنڊ ۾ اَڻ ڇاٽيل صنعتي ۽ گهريلو استعمال ٿيل پاڻيءَ جو بي انت وهي وڃي پوڻ، جهازن جي اچ وڃ، ماهيگيري لاءِ استعمال ٿيندڙ وڏا ٽرالر ۽ بندرگاهه تي موجود آئل ٽرمينل آهن.

ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن Outdoor Ambient Air Pollution Level (WHO) جي حوالي کان PM10 ۽ PM2.5 جو سالیانو اوسطي تعداد 273 µg/M3 ۽ 117µ g/M3 آهي.([6])

ملير ندي ۽ انهيءَ سان لاڳاپيل اوپارين علائقن ۾ قدرتي نباتات ۽ جهنگلي وڻن ٽڻن جي گهٽائي آهي، جن ۾ گاهه، وليون، ٻُوڑا، ٻُوٽا، وڻ، زرعي پوکن، ساين پاڃين ۽ ميون جا باغ شامل آهن. اوپارين حد جي انهيءَ حصي ۾ ڪنهن به قسم جي ناپيد ٿيڻ واري خطري کي مُنهُن ڏيندڙ جانورن جو وجود ڪونهي ڪو. انهيءَ پاڳي ۾ موجود حيوانن ۾ پکين جا انيڪ قسم، مختلف قسم جون جهرڪيون، ڪانءَ، ڪوئليون ۽ جهنگلي (پاريهر) ۽ پالتو ڪبوتر شامل آهن. ڪراچيءَ جي آبادي فضائي، آبي ۽ ٻوس ڪچري جي گدلاڻ جي مٿانهين سطح جي ڪري صحت جي ڪيترن ئي مامرن کي مُنهُن ڏئي رهي آهي. شهر جي آبادي جو وڏو حصو ڪچين آبادين ۾ رهي ٿو. انهن ڪچين آبادين ۾ بلدياتي ڏانچو اَڻرن حالن ۾ آهي ۽ بنيادي خدمتن تائين رسائي ڏاڍي گهٽ آهي.

2014_15 ع جي پاڪستان جي سماجي ۽ زندگيءَ جي معيار کي ماپڻ واري سروي مطابق سنڌ ۾ شهري علائقن جي تعليمي شرح 76 سيڪڙو آهي. ڪراچيءَ ۾ اها شرح 82 سيڪڙو آهي. پاڪستان جي شهري علائقن جي مجموعي تعليمي شرح 76 سيڪڙو آهي .(ڏهن سالن کان وڌيڪ عمر جي آبادي جي لاءِ پڙهائي)

[6] . WHO, Public Health Environmental and Social Determinants: Ambient (Outdoor) Air Pollution in Cities database 2014.

نگراني جو جائزو

اهو پاڳو ٿن قسمن جي پاليسين ، حڪمت عملين ۽ قانونن جو احاطو ڪندو، جن ۾ قومي، صوبائي ۽ ورلڊ بينڪ جون تحفظ واريون پاليسين شامل آهن.

قومي پاليسيون، حڪمت عمليون ۽ قانون.

رٽا جي سرگرمين بابت ماحولياتي جي تحفظ سان لاڳاپيل قومي پاليسيون، حڪمت عملي ۽ قانون هيٺئين ريت آهن؛

National Water Policy 2009, Climate Change Policy of Pakistan 2012, Pakistan Climate Change Act 2016, The Canal and Drainage Act 1873, Pakistan Penal Code and The Antiquities Act 1975.

صوبائي حمڪت عمليون، حڪمت عملي ۽ قانون.

رٽا جي سرگرمين بابت ماحولياتي تحفظ سان لاڳاپيل صوبائي پاليسيون، حڪمت عملي ۽ قانون هن ريت آهن:

Sindh Strategy for Sustainable Development , 2007. Sindh Drinking Water Policy 2017, Karachi Strategic Development Plan 2020. Karachi Water and Sewerage Board Act 1996 . Sindh Environmental Protection Act , 2014 . Sindh Environmental Protection Agency (Review of IEE and EIA Assessment) Regulations, 2014. The Sindh Local Government Act 2013. And The Sindh Wildlife Protection Ordinance , 1972.

ورلڊ بينڪ جون تحفظ واريون پاليسيون

CLICK ورلڊ بينڪ جي جن پاليسين کي استعمال ڪندو انهن ۾ Environmental OP4.01 Assessment ۽ Physical Cultural Resources OP4.11 شامل آهن.

امڪاني ماحولياتي اثرَ ۽ انهن جي بچاءَ وارا قدمَ

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته CLICK، EA جي ماتحت B رٽا آهي. امڪان آهي ته انهيءَ جا ماحولياتي اثر ايترا شديد نه هوندا ۽ مقامي سطح تي پوندا ۽ رٽا جي سطح کي ڏسندي مجموعي طور تي گهٽا اهم نه هوندا. اهڙيون ماتحت رٽائون جن جي ڪري وڏي پيماني تي وسيع ۽ شديد ماحولياتي اثر پون ، سي انهي رٽا مان خارج ڪري ڇڏيون ويندیون ۽ اهي مالي سهڪار جي اهل نه هوندیون . CLICK جزو نمبر 1 ۾ موجود انهن ماتحت رٽائن ۽ سرگرمين جي لاءِ مالي سهڪار فراهم ڪري سگهي ٿو جن جا اثر ته نمايان طور تي پوندا پر انهن اثرن جي پکيڙ وڏي پيماني تي نه هجي ، تنهنڪري اهي اثر يا ته سرگرمين جي ڪنهن ٻئي هنڌ منتقل يا انهن جي ڏزائين ۾ تبديلي يا بين اثرن جي صورت ۾ اثرائتن تخفيفي اُپائن وسيلي گهٽ ۾ گهٽ ڪري يا قبولڻ جوڳي حد تائين آڻي، رٽا کي قابل عمل بنائي سگهجي . اميد ڪئي وجي ٿي ته LCs جي وسيلي بلاڪ گرانٽ هيٺ مالي سهڪار پائڻ وارين رٽائن جا اثرَ تعميراتي سرگرمين دوران ۽ ڪنهن قدر گهٽ شدت سان ۽ انهن رٽائن جون سرگرميون شروع ڪرڻ ۽ سار سنڀال دوران رونما

ٿيندا. گھٽو ڪري ماحولياتي اثر عارضي ۽ سولائيءَ سان سنياليِ سگھڻ جي لائق هوندا ۽ سيني معاملن ۾ هر هڪ اثر جي لاءِ مناسب ۽ ٺوس تخفيفي اُپاءَ موجود هوندا. امڪاني اثر: 1. زميني ۽ فضائي گدلاڻ ۽ريل تعميرات جي تعمير ۽ انهن تعميرات جي سار سنيال جي لاءِ قائم عارضي جڳهن جي لاءِ زمين کي صاف ڪرڻ جي نتيجي ۾ علائقي جي جمالياتي سُونهن ۾ خلل. 2. حياتياتي گھٽ رنگي ۽ قدرتي نڪاڻن ۾ عارضي مداخلت. 3. هاٿوڪن ثقافتي وسيلن (PCRs) تي معمولي اثر، انهيءَ شرط سان تہ اهي جايون رٿا واري مقام تي موجود هجن. 4. فضائي گدلاڻ جي نتيجي ۾ ڌُسڻ جي صلاحيت جو متاثر ٿيڻ ، ٻُوٽن ۽ جائيدادن جو متاثر ٿيڻ. ڏُوڙ متيءَ، جنريٽرن، گاڏين جي دُونهين ۽ قدرتي طور تي ڏامر جي اٽندڙ دُونهين جي ڪري مزدورن ۽ ويجهڙين آبادين تي پوندڙ هاجيڪار اثرَ. 5. پاڻيءَ جي گدلاڻ، بدبو، صحت جا مسئلا (مڪين ۽ مچرن جي واڌ جي ڪري) ۽ تعميراتي ڪمن جي نگرانيءَ جي لاءِ قائم عارضي رهائش، رهائش گاهن مان ڪِني پاڻيءَ جي نيڪال جي ڪري ٿيندڙ پريشانيون. 6. مزدورن ۽ پروارين آبادين تي پوندڙ صحت جا مسئلا (مچرن ۽ مڪين جي واڌ جي ڪري) ۽ ٻيون پريشانيون، جن جي ڪري ٺوس ڪن ڪچري کي مناسب طريقي سان نڪاڻي نہ لڳائڻ هجي. 7. هاجيڪار مادن کي بداحتياطيءَ سان نڪاڻي لڳائڻ ۽ تيل لڳل مشينن جي نامناسب تنصيبَ ، ڪيميائي مادن ۽ ٻين ڪيميڪلن جي ڪري متيءَ جي گدلاڻ. 8. نئين سر تعمير ۽ گاڏين جي گوڙ جي ڪري مزدورن، قريبي آبادين ۽ حياتيات جو نقصان ۽ ٻيون پريشانيون. 9. مزدورن ۽ پيشيوراڻي صحت (OHS) ۽ حفاظت جا مسئلا. 10. رٿا ۽ انهيءَ جي اوسي پاسي تعميراتي ڪمن جي ڪري ٿيندڙ ٽريفڪ جي گھٽائي. 11.زير زمين سهولتن جي رسائي وارين لائينن/پائيپن کي پهچندڙ نقصان جي ڪري عوام کي تڪليف.

برساتي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي جي مرمت ۽ بحالي وارن رٿائن ، سڙڪن، پيدل هلڻ وارن دڳن ۽ سائيڪل هلائڻ وارن پيچرن جي مرمت ۽ بحاليءَ جي ڪري پيدا ٿيندڙ آپريشنل مرحلي جا اثر.(i) نالن جي سِمڻَ جي ڪري متي ۽ پاڻي جي گدلاڻ. (ii) نالن جي سِمڻ ، اٿلي پوڻ ۽ پڃڻ ٽنڻ جي ڪري پکڙجندڙ بيماريون ۽ ڏَپَ. (iii) سڙڪن، پيدل ۽ سائيڪل هلائڻ وارن رستن جي نامناسب سار سنيال جي ڪري فضائي گدلاڻ ۽ شهر جي ڪاربان فٽ پرنٽ ۾ واڌارو.

تعميراتي سرگرمين دوران تجويز ڪيل ٽيڪنيڪل اُپائن ۾ شامل آهن: 1. تعميراتي ڪمن جي سار سنيال جي لاءِ قائم عارضي رهائش جي نگهباني. 2. نباتات جي وادِيءَ کان پرهيز ۽ وٽن ۽ ٻُوٽن جي پوکائي وسيلي رٿا واري جڳهہ جي بحالي. 3. قدرتي نڪاڻن جو تحفظ . 4. هاٿوڪي ثقافتي ورثي جي حفاظت (PCRs). 5. ڏُوڙ، دُونهين ۽ اسفالٽ مان اٽندڙ اوبر ۾ گھٽتائي. 6.ڏُوڙ، متي ۽ گاڏين جي دُونهين کي قابُو ۾ رکڻ . 7. ڪِني پاڻيءَ کي محفوظ طريقي سان نڪاڻي لڳائڻ. 8. ٺوس گھريلو ڪرفتيءَ کي محفوظ طريقي سان نڪاڻي لڳائڻ. 9. خطرناڪ ۽ تعميراتي گند کي محفوظ طريقي سان نڪاڻي لڳائڻ. 10.متيءَ جي گدلاڻ تي قابو پائڻ. 11. گوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ اُپاءَ . 12. مزدورن کي صحت ۽ خطرن وارن اثرن کان بچائڻ . 13. مقامي آبادين کي حادثن کان بچائڻ . 14. ڪيپمن وارين جڳهن جي بحالي.

طوفاني پاڻي جي نيڪال ۽ سڙڪن جي تعمير جي عملي مرحلي دوران ورتل تخفيفي اُپائن ۾ طوفاني پاڻيءَ جي نيڪال جي نظام، سڙڪن تي پيدل هلڻ وارن لاءِ ٺهيل ڏڳن ۽ سائيڪل سوارن جي لاءِ مخصوص رستن جي مناسب سار سنڀال.

لاڳاپيلن سان صلاح مشورو

KMC ۽ DMC ، لاڳاپيلن سان ترت ۽ ڪلدائڪ صلاح مشوري ڪرڻ ۽ انهن کي ذاتي طور تي رڻا ۾ شامل ڪرڻ جي اهميت کي تسليم ڪن ٿيون. KMC ۽ DMC لاڳاپيلن بشمول برادرين، گروهن ۽ رڻا کان متاثر ٿيل ماڻهن ۽ رڻا ۾ دلچسپي رکندڙ ٻين جماعتن جي، انهن تائين ڄاڻ جي پهچ کي، صلاح مشوري ۽ باخبر شرڪت کي متاثر ٿيل برادرين کي لاڳو خطرن جي تناسب سان يقيني بنائيندیون. ان وقت رڻا /ماتحت رڻائن ۽ انهن جي درست جڳهن جي باري ۾ تفصيل معلوم ناهن، تنهنڪري انهن برادرين جي شموليت ۽ انهن رڻائن جي لاءِ صلاح مشورو ڪرڻ ممڪن ناهي، جيڪي ايا تائين اڻ ڄاتل آهن. KMC ۽ DMC سان لاڳاپيلن جي نمائندن بشمول: KMC، ڇهه DMC، NGOs ۽ CBOs (Community Based Organization) وغيرهه سان گڏ هڪ مشاورتي اجلاس جو انعقاد ڪيو ويو . اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙن جو موقف هو ته ڪراچي رڻا ۾ موجود سڙڪن جي مرمت ۽ بحالي کان سواءِ شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني کي بهتر بنائڻ جي لاءِ نين سڙڪن، بالائي ۽ زمين اندران لنگهن جي تعمير ۾ شامل هجڻ گهرجي. شريڪ ٿيندڙن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته KMC ۽ DMC کي CLICK ۾ شامل ماتحت رڻائن جي نقشي سازي مهل ورلڊ بينڪ پاران اڳوات جاري ڪيل انفراسٽرڪچر واري رڻا KNIP (Karachi Neighborhood Improvement Project) جي تجربن مان سِکڻ گهرجي. شريڪ ٿيندڙن رڻا ۾ عوامي صحت جي سهوليتن جي لاءِ بَڻين (Incinerators) کي شامل ڪرڻ جي امڪان جي باري ۾ پچا ڳاڇا ڪئي. رڻا جي تجويز ڏيندڙ مطابق بڻين جي تنصيبَ CLICK ۾ شامل ماتحت رڻائن جي اهليت سان مطابقت نه ٿي رکي. KMC ۽ DMC جي نمائندن انهيءَ عزم جو اظهار ڪيو ته رڻا جي هنڌن جي حتمي تعين ڪرڻ ۽ رڻا جي هرهڪ حصي جي لاءِ ٽيڪنيڪي تفصيلن جي دستيابيءَ کان پوءِ ، رڻا کان سڏو سنئون متاثر ٿيلن سان مشاورتي اجلاس FGDs (Focused Group Discussions) جو انعقاد ڪيو ويندو. ڪميونٽي جي نمائندن مطابق انهن جي آبادين کي پاڻيءَ جي شديد کوٽ ۽ صفائي جي اَڻپورن انتظامن جي ڪري خراب ماحولياتي صورت حال سان منهُن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. نالن ۽ ندين جي ڪپرن تي آباد آبادين کي ماحولياتي ۽ معاشي صحت جي سنگين مسئلن سان مُنهُن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. آبادي جي اڪثر نمائندن مطابق پاڻيءَ جي فراهمي گدلاڻ پريل، غير مسلسل ۽ غير معياري آهي. نمائندن مطابق برسات جي مند ۾ گهٽا تٽا علائقا پاڻيءَ هيٺ اچي ويندا آهن ۽ انهيءَ پاڻيءَ ۾ گندي پاڻيءَ جي ملي وڃڻ جي ڪري آبادين کي صحت جي سنگين مسئلن ۽ ٻين تڪليفن سان مُنهُن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

CLICK جون ماتحت LCs گهٽو ڪري هاڻوڪي ڄانچي جي بحالي وارن ڪمن ۾ شامل ٿيندیون. SEPA 2014 هيٺ SEPA کي بنيادي ڄانچي جي بحالي وارين رڻائن جي لاءِ EAs جي ضرورت ناهي، جو ته ماضيءَ ۾ LCsماحولياتي سُجاڻپ جو ڪوبه ڪم ناهي ڪيو. نتيجي طور LCs ۾ ماحولياتي سُجاڻپ ۽ نگرانيءَ واري ڪم جون صلاحيتون موجود نه آهن. International

جي مالي International Development Association (IDA) يا Bank for Reconstruction and Development سهڪار جي ماحولياتي سجاٽپي شرطن مطابق LCs رٿا جي ماحولياتي اثرن بابت رٿا کان متاثر ٿيل گروهن ۽ مقامي غير سرڪاري تنظيمن (NGOs) سان صلاح مشورو ڪندیون ۽ ماتحت رٿائن جي نقشي سازي ۽ تعمير ۾ انهن جي راين، خدشن ۽ خيالن کي شامل ڪرڻ جو وچن ڪندیون.

CLICK جو ادارتي نظام ۽ ماحولياتي سُجاٽپ

CLICK جي نفاذ جي لاءِ سنڌ حڪومت جي لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ (LGD) ۾ پروجيڪٽ مينيجمينٽ يونٽ (PMU) قائم ڪيو ويندو.PMU ۾ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي سيل ESC (Environmental and Social Cell) قائم ڪيو ويندو، جنهن ۾ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر شامل هوندا. ESC LCs کي پنهجن ماتحت رٿائن جي باري ۾ ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ وارن اُپائن جي سار سنيال جي مدد فراهم ڪندو. ESC مجموعي منصوبي جي سطح تي EMF جو نگهبان هوندو. ESC جو اصل ڪم LCs جي مدد ڪرڻ آهي تہ جيئن اهو SEEPA 2014 ۽ ورلڊ بينڪ جي تحفظ وارين پاليسين جي مطابق اهل ماتحت رٿائن جي نفاذ دوران EMF جي تعميل کي يقيني بنائي. ورلڊ بينڪ جي آپريشنل پاليسي 4.01 (ماحولياتي سُجاٽپ) هيٺ، بينڪ کي مالي سهڪار جي لاءِ تجويز ڪيل منصوبن جي ماحولياتي سُجاٽپ (EA) جي گهرج پوندي تہ جيئن اهو يقيني بنائي سگهجي تہ اهي رٿائون ماحولياتي اعتبار کان سگهاريون ۽ پائيدار آهن ۽ انهن جي مدد سان فيصلي سازي کي بهتر بنائي سگهجي. ماحولياتي سُجاٽپ جو پهريون قدم جاچَ آهي. ESC جي مدد سان LCs ماحولياتي جاچَ وارو عمل ڪندیون. ماتحت رٿائن جي جاچ جو عمل انهن رٿائن جي سُجاٽپ واري وقت ڪيو ويندو ۽ اها جاچ مقامي رٿابندي جي عمل ۽ LCs جي ڪم واري دائري جي حساب سان ٿيندي. هر تجويز ڪيل ماتحت رٿا جي ماحولياتي جاچ جي ضرورت آهي تہ جيئن EA جي مناسب حد ۽ قسم جو تعين ڪري سگهجي. بينڪ تجويز ڪيل رٿا کي A,B.C ۽ F1 وارن چئن قسمن ۾ ورهائيندي. انهن قسمن جو تعين جڳهہ، حساسيت ۽ رٿا جي پکيڙَ ۽ رٿا جي امڪاني ماحولياتي اثرن جي نوعيت ۽ وسعت جي بنياد تي ٿيندو. بيان ڪيل ڪنهن بہ قسم جي جاچ جي عمل ۽ درجي بندي کان پوءِ ماتحت رٿائون جيڪي EA جي قسم A واري درجي ۾ عملي سهڪار جي لاءِ اهل نہ هوندیون ۽ انهن تي وڌيڪ ڪارروائي نہ ٿيندي. CLICK هيٺ اهل ماتحت رٿائن جي جاچ واري طريقي جي بنياد تي ، اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ سيني معاملن ۾ هر هڪ ماتحت رٿا جي لاءِ انهيءَ مطابق ESMPs جي تياري جي ضرورت پوندي. LCs ESC کي ESMPs جي تياري ۾ مدد فراهم ڪندیون. هڪ پيرو ٻيهر اها ڳالهہ واضح هجي تہ اهي ماتحت رٿائون جيڪي درجي A ۽ F1 ۾ شامل هوندیون، سي مالي سهڪار لاءِ اهل نہ هوندیون.

IEE ۽ IEEريگوليشنز 2014 جي سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي جو جائزو ترقياتي رٿائن کي ٽن درجن ۾ ورهائي ٿو. انهيءَ ورهاست جو بنياد انهن رٿائن جي امڪاني ماحولياتي اثرن جو EIA انوائرنمينٽل امپيڪٽ اسيسمينٽ ، (ماحولياتي اثرن جي سُجاٽپ) ، (Initial Environmental Examination) IEE ابتدائي ماحولياتي جائزو ۽ جدول مطابق جاچ شامل آهي. انهيءَ رٿا ۾ ڪنهن بہ اهڙي ماتحت رٿا جي مالي مدد شامل ناهي جنهن ۾ EIA جي ضرورت هجي.

SEPA 2014 کي هڪ اهڙي ماحولياتي فهرست جي ضرورت آهي جيڪا CLICKهيٺ تجويز ڪيل تعميراتي رٿائن جي بحالي جي ڪم اچي سگهي .

هينئين ماتحت رٿائن مٿان عمل درآمد ڪرڻ جي لاءِ غور نہ ڪيو ويندو (مهرباني ڪري معاشي جاچَ جي مڪمل نظام جي لاءِ معاشي انتظام واري ڊانچي SMI کي استعمال ڪريو.)

- اهي ماتحت رٿائون جن جا ماحولياتي ۽ سماجي اثر وڏي پيماني تي ظاهر ٿي سگهن ٿا (يعني EA جي درجي A واريون ماتحت رٿائون.)
- اهڙيون رٿائون جن لاءِ اڳواٽ وسيع ايراضي جي حصول جي ضرورت پوندي.
- حددخلين جي هٽائڻ واري جاري مهم ڪان متاثر جڳهه (يا ٽيڻ واري) تي موجود ماتحت رٿائون ، چو تہ انهيءَ مهم کي هلائڻ دوران ورلڊ بينڪ جي سماجي تحفظ جي پاليسين جو خيال نہ رکيو ويو.

ورلڊ بينڪ سيني ماتحت رٿائن جو ESMP کان اڳ جائزو وٺندي ۽ انهيءَ کان اڳ جو ڪا بہ ماتحت رٿا CLICK جي وسيلي مالي سهڪار جي اهل ٿي وجي، ورلڊ بينڪ جي "اعتراض کان مٿانهين" رپورٽ جي گهرج پوري ڪندي .

شڪايتن جي ازالي جو نظام

KMC ۽ DMC انهيءَ رٿا جي ماحولياتي ۽ سماجي ڪارڪردگي بابت رٿا جي فريقن جي خدشن ۽ شڪايتن جو وقت سر جواب ڏينديون . انهيءَ مقصد جي لاءِ KMC ۽ DMC شڪايتن جي ازالي جي لاءِ هڪ نظام (GRM) نافذ ڪنديون. KMC ۽ DMC متاثر ٽيل آبادين جي شڪايتن ۽ انهن جي حل جي لاءِ GRM جو قيام عمل ۾ آڻيندیون . انهيءَ نظام هيٺ PM4 ۾ شڪايتن دور ڪرڻ لاءِ هڪ سيل (CELL) قائم ڪيو ويندو . تعميراتي مرحلي دوران هر تعميراتي جڳهه تي GRM جو هڪ نمائندو مقرر ڪيو ويندو. شڪايتون دور ڪرڻ ۽ انهن جي حل جي لاءِ اهو نمائندو متاثر ٽيل ماڻهن کي سڌيءَ ريت ميسر هوندو. قائم ڪيل GRM کي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي وسيلي عوام ۽ خاص طور تي متاثر ٽيل آبادين ۾ ۽ عوامي مشاورت وارن موقعن ۽ متاثر ٽيل ماڻهن جي اجتماعن وارن موقعن تي پرچار وسيلي عام ڪيو ويندو. شڪايتن ۽ پريشانين درج ڪرڻ جي لاءِ اهو سيل هڪ ڪميونٽي ڪمپلينٽ مينيجمينٽ رجسٽر (CCMR) متاثر ٽيل هنڌ تي رکندو ۽ سيئي لکت واريون ۽ زباني شڪايتون انهيءَ رجسٽر ۾ درج ڪيون ويندیون. GRM جي عملي مرحلي جي لاءِ، سهولتن ۽ تعميرات جي لاءِ موجود انجنيئر ۽ پلانٽ مينيجر CCMR ۾ متاثر ٽيل آبادين جي شڪايتن جي سار سنيال ۽ انهن جي حل جي لاءِ ذميوار هوندا . شڪايتن درج ڪرڻ اوري نظام کي سولو ۽ پهچ جوڳو بنائڻ جي لاءِ اندرائيد تي آڌاريل GRM ايپليڪيشن GRM APP ناهي ۽ لانچ ڪئي ويندي تہ جيئن GRM وڌيڪ اثرائتي ٿي سگهي.

REF:

(1). World Bank (2018), "Transforming Karachi into a Livable and Competitive Megacity: A City Diagnostic and Transformation Strategy"

(2).Provisional Estimate of Karachi Division (6 districts of Karachi) in National Population Census 2017. Various unofficial sources estimate the city's population to be higher.

(3). Global Livability Index 2018 of Economist Intelligence Unit

(4) World Bank. "Karachi Rapid Environmental Diagnostic Report ."

(5) هي هڪ اهڙو ذريعو آهي جنهن جي استعمال سان ڪنهن اهڙي رٿا جيڪا وڏيڪ پروگرامن ۽ ماتحت رٿائن تي آڌاريل هجي، سان لاڳاپيل مامرن ۽ اثرن جي جاچ پڙتال ڪري ٿو ۽ انهيءَ جي اثرن جو رعين ان وقت تائين نہ ٿو ڪري سگهجي جيسين اهو پروگرام يا ماتحت رٿا جي تفصيل جي سُجاڻپ ٿي نہ ٿي وجي. ESMF ماحوليات ۽ سماجي اثرن جو اندازو ڪرڻ جي لاءِ اصولن ، قاعدن، رهنما گائيڊ لائين ۽ طريقي ڪار کي جوڙي ٿو، انهيءَ ۾ ناڪاري اثرن کي گهٽائڻ، انهن ۾ تخفيف ڪرڻ يا کين مڪمل ختم ڪرڻ يا هاڪاري اثرن کي وڌائڻ ، اهڙن اُپائن جو تخمينو لڳائڻ جي لاءِ ۽ رٿا جي اثرن کي دور ڪرڻ جي لاءِ ذميوار ايجنسي يا ايجنسين جي باري ۾ ڄاڻ جو حصول شامل آهي.

(6). WHO, "Public Health Environmental and Social Determinants of Health: Ambient (Outdoor) Air Pollution in Cities Database 2014.